# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1981

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1981

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 32 جي ترميم

Amendment of section 32 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. اعزازي معاوضو ۽ مراعتون

Honoraria and privileges

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 48 جي ترميم

Amendment of section 48 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ باب VII_A جو اضافو

Addition of Chapter VII_A in Sindh Ordinance XII of 1979

8. هن باب تحت جو نالو ڏنو يا ٻيهر نالو ڏنو ويندو

Naming and renaming to be made under this Chapter

9. نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ لاءِ گائيڊ لائينز

Guidelines for naming or renaming

10. نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ جا اصول

Principles of naming or renaming

11. نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ لاءِ ڪميٽي

Committee for naming or renaming

12. نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ جي ڪائونسل ريزوليوشن

Council resolution of naming and renaming

13. نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن ۽ نتيجا

Notification and consequences of naming and renaming

14. نالي جو نماءُ

Displaying of name

15. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 86 جي ترميم

Amendment of section 86 of Sindh Ordinance XII of 1979

16. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 88 جي ترميم

Amendment of section 88 of Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1981

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1981

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[3 جون 1982]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 9 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو ۽ هميشہ ايئن ئي اضافو ڪيل سمجهيو ويندو:

"(3) جڏهن ذيلي دفعہ (2) تحت اعلان ڪيو وڃي، ميمبرز ۽ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين يا ميئر ۽ ڊپٽي ميئر، جيئن معاملو هجي، اعلان کانپوءِ لوڪل ايريا لاءِ اهي ميمبرز، چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين يا ميئر ۽ ڊپٽي ميئر سمجهيا ويندا، جيئن معاملو هجي، جيستائين اهڙي ڪائونسل لاءِ چونڊون ڪرايون وڃن."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (2) ۾، آخر ۾ اينڊزفل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ هر اليڪٽورل يونٽ ۾ اقليتي برادري لاءِ هتي هڪ ڌار پئنچائت هوندي، جنهن منجهان اقليتي برادري جو هڪ ميمبر چونڊيو ويندو ۽ اهڙي پئنچائت هڪ چونڊيل ميمبر چيئرمين طور ۽ اهڙي يونٽ جي اقليتي برادري مان چونڊيل ٻن ميمبرز تي مشتمل هوندي."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 32 جي ترميم

Amendment of

4. ڄاڻايل آرڊيننس، جي دفعہ 32 لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

section 32 of Sindh Ordinance XII of 1979

اعزازي ۽ مراعتون

Honoraria and privileges

“(32) ميئر يا چيئرمين ۽ ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين کي اهڙو اعزازي معاوضو ۽ ٻيون مراعتون ڏنيون وينديون جيئن بيان ڪيون ويون هجن ۽ اهي اعزازي معاوضا ۽ مراعتون جيڪي پهريون ڀيرو بيان ڪيون ويون هجن، هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان ان تاريخ کان جنهن تي اهڙو ميئر يا چيئرمين يا ڊپٽي ميئر يا وائيس چيئرمين عهدو حاصل ڪيو هجي، ان تاريخ کان ڳڻيو ويندو.“

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 48 جي ترميم

Amendment of section 48 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. چاڙهايل آرڊيننس ۾ موجود دفعہ 48 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

(2) جڏهن ميئر يا چيئرمين ڪنهن سبب جي ڪري پاڪستان ۾ موجود نہ هجن يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پنهنجا اختيار استعمال ڪري نہ سگهجن ۽ پنهنجا ڪم نہ ڪري سگهجن، ڊپٽي ميئر، يا معاملو جيئن بہ هجي، وائيس چيئرمين، جيستائين حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ميئر يا چيئرمين جون ذميواريون ڪنهن ٻئي شخص حوالي ڪري، اهي ميئر يا چيئرمين جا اختيار يا ڪم سرانجام ڏيندا، جيئن معاملو هجي.”.

6. باب VII کانپوءِ، هيٺيون باب شامل ڪيو ويندو:

**1979 جي سنڌ آرڊيننس XII ۾ باب VII_A جو اضافو**

**Addition of Chapter VII_A in Sindh Ordinance XII of 1979**

## باب VII_A

### شهر، ميونسپالٽي، ٽائون، ڳوٺ، عوامي هنڌ يا عوامي رستي وغيره کي نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ

**هن باب تحت نالو ڏنو يا ٻيهر نالو ڏنو ويندو**

**Naming and renaming to be made under this Chapter**

52_A. ڪنهن بہ شهر، ميونسپالٽي، ٽائون، ڳوٺ يا ڪنهن حصي يا عام جڳهہ وغيره، يا عوامي هنڌ يا يا عوامي رستي، هن باب ۾ ان جاءِ جو حوالو ڏنو ويو هجي، ان کي هن باب جي گنجائشن کانسواءِ نالو ڏئي يا ٻيهر نالو ڏئي سگهجي ٿو.

**نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ لاءِ گائيڊ لائينز**

**Guidelines for naming or renaming**

52.B. دفعہ 52_A تحت هيٺين ڇاٽايل جو نالو ڏئي يا ٻيهر ڏنو ويندو.

(a) قوم جو باني يا ڪو شخص جنهن پاڪستان ٺاهڻ ۾ خاص حصو ورتو هجي؛

(b) ڪا مسلمان شخصيت جنهن قوم، مسلمانن يا اسلام لاءِ اڻٿڪ خدمت سرانجام ڏني هجي؛

(c) ڪا قومي شخصيت جنهن جو قوم جي خدمت جو بهترين رڪارڊ هجي؛

(d) ڪو شخص جيڪو آرٽ، ڪلچر، سائنس ۽ تعليمي ميدان ۾ مشهور هجي يا پبلڪ سروس ۾ نمايان هجي؛

(e) فلاحي بنيادن لاءِ جوڙيل ڪنهن عمارت يا اداري جو مک مالي مددگار هجي؛

(f) ڪنهن شخصيت جي نالي ڪانسواءِ ڪنهن ٻي شئي جو نالو، بشرطيڪ ڪنهن بہ جڳھ جو نالو يا ٻيهر نالو هيٺين شين جي پٺيان نہ رکيو ويندو:

(a) هڪ زنده ماڻهو سواءِ عمارت يا اداري جي مالي مددگار جي صورت ۾؛

(b) حڪومت جي اجازت ڪانسواءِ غير پاڪستاني.

نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ جا اصول

Principles of naming or renaming

52-C. (1) سمورين جاين جا موجود پرڏيهي نالا ترتيب وارا پاڪستاني يا اسلامي نالن سان تبديل ڪيا ويندا.

(2) ساڳي لوڪل ايرا ۾ ساڳن نالن رکڻ کان پاسو ڪيو ويندو.

(3) ڪنهن بہ سٽ فٽ ويڪري رستي ڪانسواءِ ٻئي رستي کي ڪنهن شخصيت پٺيان نالو نہ ڏنو ويندو ۽ سمورين گهٽين، لينس يا اهڙي عوامي رستي سان جڙيل رستن کي نمبر ڏنا ويندا.

| | |
|---|---|
| 52_D. (1) جتي ڪائونسل ڪنهن جڳهه جو نالو رکڻ يا ٻيهر نالو رکڻ ضروري سمجهي يا ان سلسلي ۾ آڇ حاصل ڪري ٿي ته، اها ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن منجهان شخصن ۽ ان لوڪل ايريا ۾ رهندڙ شخصيتن تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي جوڙيندي. | نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ لاءِ ڪميٽي<br>Committee for naming or renaming |
| (2) ڪاميٽي لوڪل ايريا ۾ وسيع سرڪيوليشن رکندڙ ٻن روزاني اخبارن ۾ نوٽيس شايع ڪندي، جنهن ۾ اهڙي علائقي جي رهواسين کان اعتراض ۽ تجويزون طلب ڪندي ۽ اعتراض ۽ تجويزون نوٽيس شايع ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪميٽي حوالي ڪيا ويندا. | |
| (3) ڪميٽي ذيلي دفعه (2) تحت ڪيل اعتراضن ۽ تجويزن تي غور ڪرڻ بعد اعتراض ڪندڙ يا تجويز ڪندڙ شخص کي ٻڌڻ بعد، جيئن اها ضروري سمجهي، ڪائونسل ڏانهن سفارشون اماڻيندي. | |
| 52_E. ڪائونسل دفعه 52_D تحت ڪيل سفارشن تي خاص گڏجاڻي ۾ غور ڪندي ۽ ٺهراءَ ذريعي سفارشن جي تائيد ڪري يا انهن ۾ ترميم آڻي سگهي ٿي. | نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو ڏيڻ جي ڪائونسل ريزوليوشن<br>Council resolution of naming and renaming |
| 52_F. (1) دفعه 52_E تحت ڪائونسل طرفان پاس ڪيل | نالو ڏيڻ يا ٻيهر نالو |

نهراءَ کي حڪومت ڏانهن اماڻيو ويندو. ۽ حڪومت ان ۾ تبديلي سان يا بنا تبديلي کي ان کي منظور ڪري سگهي ٿي.

ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن ۽ نتيجا

Notification and consequences of naming and renaming

(2) حڪومت طرفان ذيلي دفعه (1)تحت منظور ڪيل نهراءَ کي گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويندو ۽ نالو ڏنل يا ٻيهر نالو ڏنل سمورين جڳهن جا حوالا، جيئن معاملو هجي، نوٽيفڪيشن جي تاريخ کان، نئون نالو جوڙيل يا ڏنل سمجهيو ويندو.

نالي جو نماءُ

Displaying of name

52-G. (1) ڪائونسل اهڙي هنڌ يا اهڙن هنڌن تي عوام جي معلومات لاءِ نئين نالي جي نماءَ جو بندوبست ڪندي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت لڳايل نالي يا نالي جو نماءُ ڪندڙ ڊوائيس کي ڪو شخص ڪائونسل کان اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ نه هٽائيندو، نه نقصان پهچائيندو، نه ان جي شڪل بگاڙيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 86 جي ترميم

Amendment of section 86 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. چاڻايل آرڊيننس جي دفعه 86 جي ذيلي دفعه (2) ۾ لفظ "شرطن" ۽ لفظ "جيئن" وچ ۾ لفظ "اهي اهڙي انتظامي ڪارروائي ۽ ڏنڊ جا مستحق هوندا" شامل ڪيا ويندا.

8. جاٽايل آرڊيننس جي دفعہ 88 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽ ان ۾ هي شامل ڪيو ويندو:

"(2) ڊويزنل ۽ ڊسٽرڪٽ مڪاني حڪومت جا بورڊس، بورڊ جي منظوري سان ايترن ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت پري تي ڪري سگهن ٿا جيئن اها ضروري سمجهن ۽ اهي اهڙي انتظامي ڪارروائي ۽ ڏنڊ جي مستحق هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 88 جي ترميم

Amendment of section 88 of Sindh Ordinance XII of 1979

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**